# سنڌي

سوال: سنڌي ٻوليءَ جي قدامت بابت مختلف عالمن جي راين تي بحث ڪري پنهنجي راءِ جو اِپٽار ڪيو.

## تعارف

سنڌي دنيا جي قديم ٻولين مان هڪ آهي. جيڪا برصغير سميت دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. جديد تحقيق موجب هيءَ ٻولي سنڌ جي مٽيءَ جي خمير مان ڦٽي نڪتي آهي. جنهن جو بنياد سنڌو ماٿر جي تهذيب سان جڙيل آهي. سنڌي ٻولي جي قدامت ۽ وجود بابت سن عيسوي کان اڳ جا اهڃاڻ ملن ٿا. مشهور سياحن جهڙوڪ بشاري المقدسي ۽ الاصطخري پنهنجي نائين ۽ ڏهين صدي عيسوي جي تصنيف ۾ سنڌي ٻولي جي موجود هجڻ جي شاهدي ڏني آهي.

# سنڌي ٻوليءَ بابت عالمن جا مختلف نظريا

سنڌي ٻولي جي اصل نسل ۽ بڻ بنياد لاءِ ڪجهه مشهور نظريا سامهون آيا آهن. انهن نظرين تي عالمن جو اختلاف آهي. وڏا وڏا عالم ۽ داناءُ سنڌي زبان جي اصل نسل ڳولهڻ لاءِ ڪافي جدوجهد ڪري رهيا آهن. انهن مشهور چئن نظرين جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو.

## الف) سنڌي ٻوليءَ جي قدامت بابت پهريون نظريو

* نظريو ڏيندڙ: ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ (1872)
* سندس نظريو: "هاڻوڪي سنڌي سنسڪرت مان جائي آهي".

هي نظريو ٻين نظرين کان پراڻو ۽ پهريون نظريو آهي. انگريزن جڏهن سنڌي الف-ب ناهي راس ڪئي ته اها جدوجهد شروع ڪئي وئي ته سنڌي ٻولي جو حسب نسب معلوم ڪجي انهي لاءِ پهرين ڪوشش سنڌي ٻوليءَ

جي انگريز ماهر ڊاڪٽر ٽرمپ ڪئي
هن ١٨٧٢ع ۾ "سنڌي ٻوليءَ جو گرامر"
ڇپايو. ان ۾ اهو نظريو ڏنو ته سنڌي
ٻولي سنسڪرت مان نڪتي آهي.
سنڌي ٻولي سنسڪرت مان پراڪرت،
پالي، شورسيني، اپڀرنش ۽ پوءِ
اپڀرنش مان وراچڊ اپڀرنش جي معرفت
ٻارهين عيسوي صديءَ ڌاري، هاڻوڪي
صورت ورتي آهي. انهي نظريي
موجب سنڌي ٻولي سنسڪرت جي
شاخ آهي.

**نظريي جي حمايت:** ڊاڪٽر ٽرمپ
کانسواءِ ڪاڪو ڀيرو مل آڏواڻي، مرزا قليچ
بيگ، ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻيا به ڪيترائي
ڏيهي توڙي پرڏيهي عالم ۽ ماهر هن
نظريي جا حامي رهيا آهن.

**ب) سنڌي ٻوليءَ جي قدامت بابت
ٻيو نظريو**

★ **نظريو ڏيندڙ:** ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ

★ **سنڌس نظريو:** سنڌي ٻولي بنيادي طور
سنڌو سنڌون سنسڪرت مان نڪتل نه
آهي بلڪه سنسڪرت کان اڳ واري دور
جي سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي آهي.
هن نظريي جو محرڪ

برصغير جو وڏو عالم ۽ فاضل ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهي. ڊاڪٽر صاحب ١٩٥٩ع ۾ مقالو لکيو. جنهن ۾ هي ڄاڻايون ته سنڌي ٻولي بنيادي طور سنڌو سڀيتا سنسڪرت مان نڪتل نه آهي بلڪه سنسڪرت کان اڳ واري دور جي سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي آهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي لکيل ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" ۾ سنڌي ٻوليءَ کي "سامي صفت" ٻولين مان هڪ ٻولي هجڻ قرار ڏنو ۽ لکيو ته، "سنڌ جو هي قديم تمدن هڪ قسم جو غير آرياڻي تمدن آهي ۽ انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته قديم سنڌي تمدن جي ٻولي به غير آرياڻي يا سامي صفت زبان هئي، جا سنڌ ملڪ جي اوائلي زبان منجهان هئي. انهيءَ جا مسخ ٿيل نشان هُن (موهن) جي دڙي مان لڌل مهرن تي موجود آهن."

ت) سنڌي ٻوليءَ بابت نئون نظريو.

* نظريو ڏيندڙ: سراج الحق ميمڻ

* سنڌس نظريو: "سنڌي سنسڪرت جائي نه پر سنسڪرت سنڌي جائي آهي سنڌي طرح نه سهي، اڻ سنڌي طرح سهي".

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد نالي ڪتاب
1978ع ڌاري لکيو. هن محقق سنڌي
ٻوليءَ تي سائنسي انداز سان تحقيق
ڪندي ڪي نتيجا اخذ ڪيا آهن ته هو سنڌي
ٻوليءَ جي ڀيٽ دراوڙي ٻولين سان
ڪرڻ بعد هيٺين نتيجن تي پهتو آهي

1) صوتي هڪجهڙايون
2) لفظن جي ذاتن جون هڪجهڙايون
3) گردانن جي بناوت جا هڪجهڙا اصول
4) اسم ۽ فعلن جي گردانن ۾ هڪجهڙايون
5) ضمير ۽ حرفن ۾ هڪجهڙايون

## سنڌي ٻوليءَ جو شجرو

توراني ٻولي

↓

موهن جي دڙي واري ٻولي

↓ ↓ ↓

سنڌو — ٻروهڪي — دراوڙي

سنڌو
↓
قديم سنڌي
↓
وچين دور واري
↓
هاڻوڪي سنڌي

# تنقيدي جائزو

## سنڌي ٻوليءَ جي باٻت مختلف نظرين جو تنقيدي جائزو

سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ڪن مختلف نظرين جو مختصر تنقيد جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

### ① ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي نظريي جو تنقيدي جائزو:

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي نظريي جي مخالفت ڪيترائي عالم ڪن ٿا. جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سراج الحق ميمڻ صاحب جهڙا شامل آهن. سنڌي ٻوليءَ جي نامور محقق پنهنجي تحقيقي نتيجن ۾ سنڌو ماٿري تهذيب ۽ ان تهذيب ۽ ان جي ٻولي سنڌي ٻوليءَ کي اصلوڪي، هتي ئي وڌيل ويڪسيل، عروج ۽ زوال ڏسندڙ تهذيب قرار ڏنو آهي. بهرحال ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو نظريو اهميت جي حامل آهي، ڇو ته ٽرمپ صاحب پنهنجو نظريو ڏيئي سنڌي ٻوليءَ جي اصليت جاڻڻ جي شروعات ڪري پين سڀني لاءِ دڳ کوليو.

### ② ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي نظريي جو تنقيدي جائزو:

Scanned By Camera Scanner

ڊاڪٽر بلوچ جي ان نظريي
تي سڀ ڪان ڀريان ڊاڪٽر موتي لعل
جوتواڻيءَ تنقيد ڪئي ۽ اهو ثابت ڪرڻ
جي ڪوشش ڪئي ته سنڌي ٻولي سامي
صفت ٻولي ناهي، بلڪه دراوڙي، عربي،
فارسي ۽ داردي ٻولين جا اثر سنڌي ٻوليءَ
تي آهن ۽ انهن مان فقط اثر هئڻ ثابت ٿيڻ وڃي
نه ٿو سگهي... ڊاڪٽر بلوچ جو اهو نظريو
صحيح آهي ته موجوده سنڌي ٻولي، سنڌي
پراڪرت يا پراڪرت مان نڪتي آهي، پر
انهيءَ جو رشتو ناتو ويدن جي سنسڪرت
۽ اپڀرنش سان ڳنڍيو آهي. تنهن ڪري
ڪي هو سمجهي نه سگهيو آهي. ان ڪري سندس
ڪتاب جو هر ٻيون باب گهڻن ئي تضادن ۽
غلطين سان ڀريل آهي.

## (3) سراج الحق ميمڻ جي نظريي جو تنقيدي جائزو.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب
هن نظريي تي تنقيد ڪندي لکي ٿو ته
سراج جي هن نظريي ۾ سنڌيت لاءِ سندس
پريم جو جذبو صاف ظاهر آهي، ٻولين ۾
تبديليون هميشه پيچيدگي ۽ اوکي سرشتي
کان آسان ۽ سولي سرشتي طرف
ٿيندي آهي. ان ڪري سنڌي ٻولي سنسڪرت

Scanned By Camera Scanner

جو جنم ٿيو، اهو چوڻ درست نه آهي.

(4) ڊاڪٽر غلام علي الانا جي نظريي جو تنقيدي جائزو

ڊاڪٽر الانا جو اهو نظريو ته موهن جي دڙي جا رهاڪو دراوڙ هئا ۽ سندن ٻولي پروٽو دراوڙي هئي، انهيءَ جي مخالفت گهڻن ئي عالمن ڪئي آهي. ڊاڪٽر الانا هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ کي هڪ غير آريائي زبان ثابت ڪرڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات، صوتياتي ۽ نحوي سٽاءَ جي مشابهت دراوڙي ٻولين سان ڏيکارڻ لاءِ جيڪي مثال ڏنا آهن، انهن ۾ ڪو به وزن نه آهي ۽ اهي غلطين سان ڀريا پيا آهن. حقيقت ۾ هاڻوڪي سنڌيءَ جي اچارن جو سرشتو توڙي وياڪرڻي بيهڪ بين هاڻوڪين هند-آريائي ٻولين جهڙي ئي آهي.

تت

هن سموري بحث کي جيڪڏهن ڪجهه لفظن ۾ سميٽجي ته اهو چئي سگهجي ٿو ته سنڌي هڪ قديمي ۽ ٻاٺي ٻولي آهي جنهن جا آثار اسان کي موهن جي دڙي جي آثارن مان ملن ٿا - ان بابت

عالمن ڪيترائي نظريا پيش ڪيا آهن.
انهن سڀني عالمن سنڌي ٻولي ۽ انهي
موهن جي دڙي سان جوڙڻ جي ڪوشش
ڪئي آهي. پر اها حقيقت آهي ته انهن
ملڪ مصر تي بابل ٻولي ۽ ڪي هاڻوڪي
سنڌ لسانيات جا ماهر اڃا تائين سمجهي نه
سگهيا آهن. انهي ڪري اهو چئي سگهجي
ٿو ته سنڌي ٻولي ۽ جي اصل نسل بابت
چند چار هلندڙ آهي، جڏهن عالم موهن
جي دڙي جان ملڪ مصر تي بابل ٻولي
سمجهي ويندا ته پوءِ شايد اهي سنڌي
ٻولي ۽ جي اصل نسل بابت ڪنهن متفق
نظريي تي پهچن. هي الحال اهي ڪنهن
متفقه نظريي تي نه پهچي سگهيا آهن ۽
عالمن جان بابت اختلاف آهن.